# اِنَّالِلّٰهِ پڙهڻ جون برڪتون

## 24-August-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 آگسٽ، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اِنّاللّٰہ پڙهڻ جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... لُوھ جون ڪَهِيون لڳائڻ واري کي نصيحت

✿... اسلام انسان کي پاڪ صاف ڪري ڇڏي ٿو

✿... مصيبت جي موقعي تي اِنّاللہ پڙهڻ جا فضائل ۽ فوائد

✿... اِنّاللہ جي برڪت سان بهترين بدلو ملندو آهي.

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدارصَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ هڪ باغ ڏانهن رُخ ڪيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڏسي سندن پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخِل ٿيا، قبلي ڏانهن منهن ڪيو ۽ مٿو سجدي ۾ رکيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پري بيهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام ڊگهو سجدو ڪيو، ايستائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي سجدي ئي جي حالت ۾ اللہ پاڪ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي، اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻُڌي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿو مُبارَڪ کڻي پڇيو: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حُضُور! عَبدُالرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي اللہ پاڪ سجدي ئي ۾ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي.

سچي عاشق جي محبت ڀري ڳالهه ٻڌي اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪندي فرمايو: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَیۡہِ السَّلَام حاضِر ٿي ٻڌايو: يارسولَ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اللہ پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو،

مان ان تي رحمتون نازِل ڪندس، جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايترو ڊگهو سجدو ڪيو.(1)

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ❁ دُرود ڪنهن کي پڙهڻو آهي؟ امّتيءَ کي ❁ رحمت ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ❁ سلام ڪنهن کي موڪلڻو آهي؟ امّتيءَ کي ❁ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ❁ شڪر جو سجدو ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ امّت جي غم ۾ رهڻ وارو، شفاعت فرمائڻ وارو، امّت کي بخشائڻ وارو، جنّت ۾ پهچائڻ وارو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ !... سُبْحٰنَ اللّٰه! اندازو لڳايو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي امّت سان ڪيترو پيار آهي. الله! الله! امّت گناهه ڪري، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راتيون روئي، روئي ڪري گذارين، امّت کي نعمت ملي آقا شڪر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا سجدا ڪن. اعلٰي حضرت جا ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت | ہے ترکِ ادب !ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو(2)

**وضاحت:** وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان کي غلامن سان ايتري محبت آهي، هي ادب نہ آهي، نہ تہ اسان چئون تہ اوهان پنهنجي غلامن تي فدا آهيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

---

1...مسند اَحْمَد، جلد:1، صفحہ:191، حديث:1664۔

2...ذوق نعت، ص211 ۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## لُوهه جون کَهيون لڳائڻ واري کي نصيحت

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي هڪ ڀيري الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي جوتي ۾ لوهه جون کهيون لڳائي رکيون هيو ، اُن تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي تربيت ڪندي فرمايو: تنهنجي اميد ڊگهي ٿي وئي آهي، تون ثواب کان بي رغبت ٿي ويو آهين ۽ نيڪين کان جيءُ چرائڻ لڳو آهين. بيشڪ جڏهن ڪنهن جي جوتي جو تسمو ٽٽي ۽ اهو ان تي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ پڙهي ته ان عمل جي برڪت سان ان تي الله پاڪ جي سلامتي، هدايت ۽ رحمت وسندي آهي، پوءِ هي جزاء ان جي لاءِ سڄي دنيا کان بهتر آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت جو انداز ڏسو! ڪيترو پيارو آهي، بظاهر هي هڪ معمولي ڳالهه هئي، شايد ان شخص جي جوتي جي کَهِي باربار پوندي هوندي، تنهنڪري ان

---

[1] بخاري، ڪتَاب بَدء الْوَحي، صفحو:65، حديث:1ـ

[2] موسوعہ ابنِ ابی اَلدنیا،کتاب قصر الامر،جلد:3 ،صفحہ:305 ،حدیث:8ـ

لوھ جي تار کي ڪَهِي بٹائي ٻڌي ڇڏيو ھوندو، ظاهر ۾ تہ ھي عمل چڱو ئي لڳي رهيو آهي تہ هن ۾ آساني آهي، باربار جي تڪليف کان جان ڇڏائجي ويندي آهي پر رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ جي تربيت صد مرحبا..!! پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم امُّت کي دنيا جي نہ بلڪ آخرت جي فڪر ڪرڻ سيکاريو آهي، جُوتي ۾ لوھ جي ڪَهِي لڳائڻ سان دنياوي سهولت تہ ملي وئي پر آخرت جو ڪيترو نقصان ٿي ويو، يقيناً ڪَهي جو ٽٽڻ بہ هڪ آزمائش، هڪ مصيبت آهي ۽ مومن ٻانهي کي جڏهن مصيبت پهچي، اهو ان تي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ پڙهي تہ ان تي رحمتون وسنديون آهن، الله پاڪ جي سلامتي نصيب ٿيندي آهي، صبر ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو آهي، ظاهر آهي جڏهن ڪَهِي ٽٽندي نہ تہ مشقت بہ نہ ٿيندي، مشقت نہ ٿي تہ صبر ڪرڻ جو موقعو بہ نہ ملندو، صبر ڪرڻ جو موقعو نہ مليو تہ صبر جي عظيم الشان ثواب کان محرومي ٿي ويندي.

| | |
|---|---|
| عالَم کی خبر رکھتے ہیں گروہ تو عجب کیا | بھیجا ہے خُدا نے انہیں ہر علم سکھا کر |

## نيڪي جا موقعا پيدا ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ هر اهو ڪم جيڪو جيتوڻيڪ جائز بہ هجي ليڪن اهو محرومي جو سبب بڻجي رهيو هجي تہ بهتر اهو ئي آهي تہ ٻانهو اهو ڪم نہ ڪري مثلاً. ٽوٿ برش ڪرڻ، ھي بہ جيتوڻيڪ جائز آهي پر ان جي ڪري مسواڪ جي سُنّت تي عمل ڪرڻ سان محرومي ٿي سگهي ٿي. خوبصورت ڊيزائن واري ٽوپي خريدڻ، ظاهر آهي خوبصورت ٽوپي خريد ڪندا تہ پائڻ تي بہ دل ڪندي، پائيندا تہ عمامي جي سُنت کان محرومي ٿي ويندي. انهي طرح واش بيسن تي وضو ڪرڻ، ھي بہ جيتوڻيڪ جائز آهي پر ان تي ويهي وضو ڪرڻ پوندو، تنهنڪري وضو ڪرڻ جي نيڪي کان محروم رهجي ويندا. ايئن ئي رات جو جلدي نہ سمهڻ جوتہ جلدي نہ سمجهندا تہ تهجد کان محرومي ٿي سگهي ٿي. ڪڏهن ايتري دير تائين سمهڻ جو فجر جي نماز جي لاءِ اک ئي

نہ کُلي، هي تہ گُناهہ آهي، هن کان بچڻ لازمي آهي.

خير! هر اهو ڪم جيڪو جيتوڻيڪ جائز هجي پر اهو نيڪين کان محرومي جو سبب بڻجي رهيو هجي تہ ان کان بچڻ ئي بهتر آهي. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اهڙا موقعا پاڻ پيدا ڪيون، جن جي ذريعي گهٽي کان گهٽيون نيڪيون ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي، مثلاً. هٿ ۾ تسبيح رکو، هن جي برڪت سان وقت بہ وقت ذڪر و درود ٿيندو رهندو. گهر کان وضو ڪري مسجد ۾ وڃڻ جي عادت بڻايو، نيڪيون گهڻيون ملنديون. ٿي سگهي تہ پيدل هلي ڪري مسجد وڃو، ان ۾ مشقت ٿيندي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب ملندو. منهنجا شيخ طريقت اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪپڙي جي نرم ٽوپي تي عمامو شريف ٻَڌندا آهن، هي بہ نيڪيون ڪمائڻ جو هڪ ذريعو آهي تہ جڏهن جڏهن عمامو شريف لاهيندا، اهو کُلي ويندو، پيهر ٻڌڻو پوندو، ايئن هر پيري عمامو شريف ٻڌڻ جو ثواب ملندو رهندو ۽ جيڪڏهن هر پيري هڪ هڪ وَر کوليندا تہ ان تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪيون ملنديون. ايئن ئي فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي عادت بڻائي ڇڏيو! هن جي برڪت سان نماز فجر باجماعت پڙهڻ تي پابندي عادت بڻجي ويندي. گهر ۾ درس شروع ڪيو! گهر ۾ ديني ماحول بہ بڻجندو، ثواب بہ ملندو ۽ ان جي برڪت سان گهر ۾ ٿيڻ واريون ڪافي بي احتياطين کان بہ بچي ويندا.

مطلب تہ! چڱو اهو ئي آهي تہ اسان آخرت جي فڪر ڪيون، هر اهو ڪم جيڪو نيڪين کان محروم ڪرڻ وارو هجي، ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون.

جيڪڏهن جذبو سچو هجي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! راهون کُلي وينديون.

## نيڪين جي حرص اپنايو!

حديث شريف ۾ آهي، مديني جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِحْرِصْ عَلٰى مَا يَنْفَعُكَ وَاسْتَعِنْ بِاللّٰهِ وَ لَاتَعْجِزْ يعني جيڪو توهان کي فائدو پچائي ان جا حريص بڻجي وڃو!

الله پاڪ مدد گھرو ۽ عاجز نہ بڻجو.[1]

حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني جيڪا شيءِ توهان کي ديني فائدو پڄائي ان ۾ قناعت نہ ڪيو! خوب حرص ڪيو! ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو پر پنهنجي ڪوشش تي ڀروسو نہ ڪيو، الله پاڪ تي توڪل ڪيو! (انهي کان مدد گھرو). خيال رهي! دنياوي شين ۾ قناعت ۽ صبر چڱو آهي پر آخرت جي شين ۾ حرص ۽ بي صبري اعليٰ آهي، دين جي ڪنهن درجي تي پهچي ڪري قناعت نہ ڪيو! مزيد اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ (پاره:6، المائده:48) | ترجموڪنز العرفان: پوءِ نيڪين جي طرف ٻين کان اڳتي وڌي وڃو. |

ڪنهن فارسي شاعر ڇا تہ خوب چيو آهي:[2]

حَاجَتے نِیْسْت مَرا سَیْرازِیْں آبِ حیات
ضاعَفَ اللهُ عَلٰی کُلِّ زمانٍ عَطْشِی

**مفهوم:** هن آبِ حيات (مثلاً نيڪين وغيره) سان سير ٿي وڃڻ منهنجو مقصد ناهي، الله پاڪ هميشہ منهنجي اُڃ ئي وڌائي رکي.

الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪين جو حريص بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ هردم آخرت جي فڪر ڪرندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ماڻهون مسلمان ٿيڻ آسان سمجهن ٿا

اي عاشقانِ رسول! هي دنيا هڪ ڪمره امتحان آهي، هتي مشڪلات،

[1] مسلم،ڪتاب القدر،باب فی الامر بالقوۃ...الخ،صفحہ:1027، حديث:2664۔
[2] مرآة المناجيح،جلد:7، صفحہ:112 بتغير قليل۔

پريشانيون، آزمائشون، مصيبتون اينديون ئي اينديون آهن، اسان انهن کان بچي نٿا سگهون.

يه آتي جاتي ہوئی سانسیں زِندگی کے لئے | اِک امتحان مسلسل ہے آدمی کے لئے

ڪجھ ماڻهو خيال ڪندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن سوال به پڇندا آهن ته اسان مسلمان آهيون، ڪلمو پڙهڻ وارا آهيون، الله پاڪ کي مڃڻ وارا، ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيون، پوءِ اسان تي آزمائشون ڇو ٿيون اچن؟ ان جو سڌو سادو جواب اهو ئي آهي ته هي دنيا مومن جي لاءِ قيدخانو آهي ۽ قيدخاني ۾ آزمائش ٿيندي آهي.

راويتن ۾ آهي: عرب جا ڪجھ ڳوٺاڻان مديني شريف ايندا ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ڪلمو شريف پڙهندا هئا، ان کان بعد جيڪڏهن خوشحالي ملندي هئي ته چوندا هئا اسلام سچو دين آهي، تنهنڪري اسلام تي قائم رهندا هئا ۽ جيڪڏهن خوشحالي نه ملندي هئي، ڪا مشڪل پريشاني اچي ويندي هئي ته معاذالله! دين ڇڏي ڏيندا هئا، انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو:

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّعْبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرْفٍۚ فَاِنْ اَصَابَهٗ خَيْرُ اِ۟طْمَاَنَّ بِهٖۚ وَ اِنْ اَصَابَتْهُ فِتْنَةُ اِ۟نْقَلَبَ عَلٰى وَجْهِهٖۚ۫ خَسِرَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةَؕ ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ﴿۱۱﴾

(پاره:17، الحج:11)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪو ماڻهو اهو آهي جيڪو الله جي عبادت هڪ ڪناري تي ٿي ڪندو آهي پوءِ جيڪڏهن ان کي ڪا ڀلائي پهچي ته بي فڪر ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ڪا آزمائش اچي ته منهن ڀر ڦري ويندو آهي. اهڙو ماڻهو دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ نقصان ڪٽندو آهي اهو ئي واضح نقصان آهي.

يه شہادت گہِ اُلفت میں قدم رکھنا ہے | لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

وضاحت: يعني مسلمان سڏرائڻ تہ آسان آهي پر حقيقي مسلمان بڻجڻ آسان ناهي، حَقيقي مسلمان هر وقت تيار رهندو آهي تہ اسلام جي خاطر ۽ ڪنهن طرح جي بہ قرباني ڏيڻي پئجي سگهي ٿي ۽ دين جي سربلندي جي لاءِ جان ڏئي شهيد بہ ٿيڻو پوندو آهي.

## اسلام انسان کي پاڪ صاف ڪري ڇڏي ٿو

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ يهودي هڪ غيرمسلم اسلام قبول ڪيو،(خدا جو طرفان ڪجهه ايئن ٿيو جو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ) ان جي اکين جي روشني هلي وئي، مال ۽ دولت ۾ بہ گهٽتو نقصان ٿيو، هاڻ ان سمجهيو تہ هي معاذالله! اسلام قبول ڪرڻ جي نحوست آهي، جيئن تہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: مون کان اسلام واپس ونو! پاڻ سڳورن فرمايو: اسلام تہ واپس ناهي ورتو ويندو. ان چيو: هي دين قبول ڪرڻ بعد مون کي ڪابہ ڀلائي ناهي ملي، منهنجون اکيون هلي ويون، مال و دولت ۾ بہ ڪافي نقصان ٿي ويو، ان تي پياري آقا، مکي مدني مصطفیٰ فرمايو: اي شخص! جيئن باهہ لوهہ سون ۽ چاندي جي ڪٽ لاهيندي آهي، ايئن ئي اسلام ماڻهن کي پاڪ و صاف ڪندو آهي.[1]

معلوم ٿيو، مسلمان تي ڪري آزمائشون ايندين آهن، بلڪ غير مسلمن جي نسبت مسلمانن تي آزمائشُن وڌيڪ ايندين آهن، ڇو ايندين آهن؟ انڪري تہ اسان جا گناهہ ڌوپجي وڃن، اسان جي دل جي مير پري ٿي وڃي ۽ اسان اندر کان پاڪ صاف ٿي ڪري جنت جا حقدار بڻجي وڃون.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تہ طئي آهي تہ دنيا ۾ آزمائشون، مصيبتون، مشڪلاتون ايندين ئي آهن، انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ انهن کان پري

[1] اسباب النزول للواحدی،سورۂ حج، صفحہ:239، حديث:639۔

پڄڻ جي بدران، انهن کي منهن ڏيون ۽ انهن مشڪلاتن، پريشانين ۽ مصيبتن کي اُخروي ثواب جو ذريعو بڻائڻ جي ڪوشش ڪيون.

هي ڪيئن ٿيندو؟ اچو! پڙهو!

## مصيبت کي ثواب جو ذريعو بڻايو!

سيپارو:2 سورت بقره، آيت:155 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَیْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَ نَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِؕ وَ بَشِّرِ الصّٰبِرِیْنَۙ(۱۵۵) (پاره:2، البقره: 155) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ضرور اسان توهان کي آزمائينداسين ڪجهه ڊپ ۽ بک سان ۽ ڪجهه مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گهٽتائي سان ۽ خوشخبري ٻُڌاءِ صبر ڪرڻ وارن کي. |

هن آيت جي حوالي سان تفسير نعيمي ۾ آهي: اي مسلمانؤ !توهان بهترين اُمَّت آهيو ۽ وڏن جو امتحان بہ وڏو ئي ٿيندو آهي، ان ڪري ڪوڙ مضمونن ۾ توهان جو امتحان ٿيندو، ڪڏهن دُشمن جي خوف سان، ڪڏهن ڏڪار ذريعي، ڪڏهن فقر ۽ فاقي جي ذريعي، ڪڏهن مال ۾ گهٽتائي جي ذريعي، ڪڏهن اولاد، ماءُ پيءُ، عزيز رشتيدارن ۽ دوستن جي وفات جي ذريعي، ڪڏهن توهان جي باغات، ٻنين ۽ ميون وغيره ۾ گهٽتائي جي ذريعي، مطلب: توهان جي امتحان جا ايترا پرچا آهن، هر پرچي ۾ پُورا نمبر حاصِل ڪيو![1]

| | |
|---|---|
| وَبَشِّرِ الصّٰبِرِیْنَۙ(۱۵۵) (پاره:2، البقره: 155) | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ خوشخبري ٻُڌاءِ صبر ڪرڻ وارن کي. |

معلوم ٿيو: جڏهن مصيبت اچي، پريشاني اچي، ڏُک دَرد غم اچن تہ ان امتحان ۾ ڪاميابي ڪيئن ملندي؟ شور مچائي نہ، روڄ راڙو ڪري نہ، نہ پريشانين جو

[1] تفسير نعيمی، پاره:2، سورۂ بقره، زيرِ آيت:155، جلد:2، صفحہ:96 خلاصۃً۔

هر هنڌ واويلو ڪري، بلڪ ان امتحان ۾ ڪاميابي ملندي صَبر ڪري، اللّٰه پاڪ جي رِضا تي راضِي رِهي.

چپ رِہ سیں تاں موتی مل سَن، صبر کریں تاں ہیرے
پاگلاں وانگوں رولا پاویں نہ موتی نہ ہیرے

وضاحت: چُپ رهندؤ تہ موتي ملندا، صبر ڪندؤ تہ هيرا ملندا ۽ جيڪڏهن چرين جيان شُور مچائيندا رهندؤ تہ مصيبت ڪان ڇوٽڪارو ملي نہ ملي، موتي ۽ هيرن(يعني آخرت جي ثواب ڪان ضرور) محروم ٿي ويندؤ

## صابر ڪنهن کي چئبو آهي

اچو! هي بہ سمجهي وٺو تہ صبر ڪرڻ ڪنهن کي چئبو آهي، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِیْنَ اِذَاۤ اَصَابَتْهُمْ مُّصِیْبَةٌ ۙ قَالُوْۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾
(پاره:2، سورۂ بقره:156)

ترجمو ڪنزالعرفان: اهي ماڻهو تہ جڏهن انهن تي مصيبت ايندي آهي تہ چوندا آهن: اسان اللّٰه ئي جا آهيون ۽ اسان انهي جي طرف موٽڻ وارا آهيون.

سُبْحٰنَ الله! حيقت ۾ صبر ڪرڻ وارا اهي آهي جڏهن انهن تي ڪا مصيبت اچي، ڪا پريشاني اچي تہ هي واويلو نہ آهن ڪندا، شڪوه شڪايت ناهن ڪندا بلڪ چوندا آهن: اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُون بيشڪ اسان اللّٰه ئي جا آهيون ۽ انهي جي طرف موٽڻو آهي.

## اِناللّٰہ هن امت جي خصوصيت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي خوبصورت ڪلمو يعني اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُون نهايت برڪت

وارو آهي. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: منهنجي اُمت کي مصيبت جي وقت جي لاءِ هڪ اهڙي شيءِ ڏني وئي آهي جيڪا پوين امتن کي عطا نہ ٿي ۽ اهو ڪلمو اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن آهي.[1]

تفسير روح المعاني ۾ آهي: هن اُمت کي مصيبت جي وقت جي لاءِ هڪ اهڙي شيءِ ڏني وئي آهي جيڪا پهرين نبين کي بہ عطا نہ ٿي ۽ اهو ڪلمو اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن آهي. جيڪڏهن هي ڪلمو پهرين نبين کي ڏنو وڃي ها تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي ضرور ڏنو وڃي ها جو پاڻ پنهنجي پٽ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي جدائي تي

| | |
|---|---|
| يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ (پاره:13، يوسف:84) | ترجمو ڪنزالعرفان: هاءِ افسوس يوسف جي جدائي. |

چيو (جيڪڏهن هي ڪلمو انهن کي ڏنو وڃي ها تہ ضرور اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهن ها.)[2]

## مصيبت تي اِنَّاللّٰه پڙهڻ جي فضيلت

جيڪڏهن اسان مصيبت جي وقت اِنَّالِلّٰه پڙهنداسون تہ ان تي اَجر ڪهڙو ملندو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىٕكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ رَحْمَةٌ قف وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ (پاره:2، سورهٔ بقره:157) | ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو جن تي سندس ربّ جي طرفان درود آهن ۽ رحمت (آهي) ۽ اهي ئي ماڻهو هدايت وارا آهن. |

---

[1] معجم کبير،جلد:6، صفحہ:37، حديث:12241

[2] تفسير روح المعانی،پاره:2، البقره،زيرِ آيت:156، جز:2، جلد:1، صفحہ:576۔

يعني مصيبت تي صبر ڪندي اِنَّا لِلّٰه پڙهڻ سان انهن کي هڪ يہ نہ بلڪ 3 انعام ملندا، (1) انهن تي الله پاڪ جي درود جي بارش ٿيندي (يعني انهن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا، انهن تي خاص عنايتون ٿينديون ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ انهن کي عزت ۽ عظمت عطا ڪئي ويندي) (2) پوءِ انهن تي الله پاڪ جي رحمت بہ وسندي (3) ۽ ٽين فضيلت هي آهي تہ هي ماڻهو دنيا ۽ آخرت ۾ پوري هدايت تي آهن.[1] دنيا ۾ تہ هيئن جو هرحالت ۾ (يعني خوشالي ۾ شڪر ڪري ۽ مصيبت جي وقت صبر ڪري) ربّ ڪريم جو قرب حاصل ڪرڻ ڪامياب رهندا ۽ آخرت ۾ ايئن جو ڪو تہ نيڪيون ڪري آخرت ڪمائي ٿو، ڪو گناهن کان بچي ڪري دوزخ کان بچي وڃي ٿو پر هي صبر ڪرڻ وارا، مصيبت تي اِنَّا لِلّٰه پڙهڻ وارا الله پاڪ جي رضا ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

## پٽ جي انتقال تي عمده ڪپڙا پاتائون

حضرت ثابت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:هڪ پيري تابعي بُزرگ حضرت مُطَرّف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پٽ جو انتقال ٿي ويو (ظاهر آهي پٽ جو فوت ٿيڻ، وڏو گهرو صدمو هوندو آهي پر حضرت مطرف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان تي ڪمال جو صبر ڪيو)، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان وقت بہ عمده ڪپڙا پاتل، تيل وغيره لڳايل هئا. ماڻهن ڪيس چيو: اوهان جي پٽ جو انتقال ٿيو آهي ۽ اوهان کي تيل لڳايل، عمده ڪپڙا پاتل آهن؟ پاڻ فرمايائون: تہ ڇا مان گهٽ همت جو اظهار ڪيان؟ (يعني بي صبري ڏيکاريان)؟ منهنجي صبر ڪرڻ تي الله پاڪ مون کي 3 انعام ڏيڻ جو وعده فرمايو آهي ۽ انهن مان هرهڪ مون کي سڄي دنيا کان وڌيڪ پيارو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

[1] تفسيرِ نعيمی،پاره:2 ،البقره،زيرِ آيت:157 ،جلد:2 ،صفحہ:98 بتغير قليل۔

اَلَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ اُولٰٓىِٕكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۫ وَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۷﴾

(پاره:2، سورة بقره:156تا 157)

ترجموڪنزالعرفان: هي اهي ئي ماڻهو آهن جن تي جڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي ته چوندا آهن: اسان الله جا ئي آهيون ۽ اسان انهيءَ ڏانهن موٽڻ وارا آهيون. هي اهي ماڻهو جن تي سندس ربّ جي طرفان درود آهن ۽ رحمت (آهي) ۽ اهي ئي ماڻهو هدايت وارا آهن.

آنکھیں رو رو کے سُجانے والے
جانے والے نہیں آنے والے (1)

وضاحت: اي ڪنهن وڇڙڻ واري جي غم ۾ روئي روئي ڪري پنهنجي اکين کي خراب ڪرڻ وارا! جيڪو هليو ويو اهو ته واپس نه ايندو بلڪ اسان ئي ان جي پنيان وڃڻ وارا آهيون.

سُبْحٰنَ الله! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارن جا انداز نرالا ئي هوندا آهن، خير! هي ته مشڪل ڳالهه آهي جو اسان مصيبت اچڻ تي به خوش ئي رهون. نه چاهيندي به بعض اوقات دل تي غم ڇانئجي ويندو آهي، اکين مان ڳوڙها ڳڙي پوندا آهن. ان جي خير آهي، باقي اسان کي صبر ضرور ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري جڏهن به ڪا مشڪل، پريشاني، يا مصيبت اچي ته شور مچائڻ، پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ، وار پٽڻ، واويلو ڪرڻ جي بجائي صبر جو ڏيک ڏيکاري ڪري اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهي وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو ثواب هٿ ايندو.

## الله پاڪ جي رحمت ڏيارڻ وارو عمل

الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مصيبت جي وقت اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهڻ الله پاڪ جي رحمت ملڻ جو ذريعو آهي.[1]

---

[1] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:160۔

## دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند بڻجڻ جو نسخو

حضرت عبداللّٰه بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: 5 عادتون اهڙيون جيڪو انهن کي اختيار ڪري اهو دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو آهي. (1) وقت بہ وقت، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوندو رهي (2) جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلاء ٿي(مثلاً بيمار ٿي يا نقصان ٿي وڃي يا پريشان جي خبر ٻڌي) تہ اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن ۽ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلاَّ بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم پڙهي (3) جڏهن بہ نعمت ملي شڪراڻي ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن پڙهي ۽ (5) جڏهن گناهہ ڪري ويهي تہ هيئن چئي، اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ (يعني مان عظمت واري الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪندي ان جي طرف توبہ ڪيان ٿو.) [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هي ڪيترو آسان ڪم آهن، وقت بہ وقت ڪلمو طيبہ پڙهڻو آهي، هر جائز ڪم کان پهريان بسم الله پڙهڻي آهي ۽ الله نہ ڪري گناهہ ٿي وڃي تہ استغفار پڙهي وٺڻي آهي، ان جي برڪت سان ڇا ملندو؟ ٻانهو دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مفلس کیا مول چُکائیں؟ اپنا ہاتھ ہی خالی ہے [3]

## اِنَّاللہ جي برڪت سان جنت ۾ بيتُ الحَمد ملندو.

حضرت ابو سِنان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي پٽ سنان جو انتقال ٿي ويو، جڏهن اسان ان کي دفن ڪيو، ان وقت حضرت ابو طلحه خولاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبر جي ڪناري ويٺا هئا، تدفين کان بعد جڏهن ماڻهو هليا ويا، مون بہ گهر وڃڻ جو

---

[1] كنز العمال،كتاب الاخلاق،جز:3 ،جلد:2 ،صفحه:122،حديث:6643 ماخوذاً
[2] اَلْمُنَبِّهات لِلْعَسْقَلانی ،باب الخماسی،صفحه:47۔
[3] …حدائقِ بخشش،صفحه:186۔

اِرادو ڪيو تہ پاڻ منهنجو هٿ پڪڙي ورتو ۽ مون کي تسلي ڏيندي فرمايو: اي اَبُوسِنان! مان اوهان کي هڪ خوشخبري ٻڌايان؟ مون کي ضَحّاڪ حديث شريف ٻڌائي تہ الله پاڪ جي آخري، نبي، رسول هاشمي جو ارشاد پاڪ آهي: جڏهن انسان جو پٽ فوت ٿي وڃي تہ الله پاڪ ملائڪن کان پڇندو آهي: ڇا تو منهنجي ٻانهي جي پٽ جو روح قبض ڪيو؟ ملائڪ چوندا آهن: جي ها! الله پاڪ فرمائيندو آهي: ڇا توهان ان جي جگر جي ٽڪڙي کي جدا ڪري ڇڏيو؟ ملائڪ چوندا آهن: جي ها! الله پاڪ فرمائيندو آهي: هن تي منهنجي ٻانهي ڇا چيو؟ ملائڪ چوندا آهن: ان تنهنجي حمد بيان ڪئي ۽ اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهيو. ان تي الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهي جي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهيو ۽ ان جو نالو بَيْتُ الحمد رکو.[1]

اي عاشقانِ رسول! پٽ جو انتقال ٿي وڃي يا ڪو عزيز رشتيدار، نهايت پيارو دوست دنيا مان هليو وڃي، ان تي صبر ئي ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن بي صبري ڪندا، واويلو مچائيندا، وار پٽيندا، گريبان ڦاڙيندا، رڙيون ڪري شور مچائيندا تہ ڇا ٿيندو؟ مرڻ وارو واپس اچي ويندو..؟ وڃڻ وارو تہ ويو هلي، اهو هاڻي موٽي نہ ايندو، ها! بي صبري ڪرڻ جي ڪري صبر جو ثواب بہ هٿ مان هليو ويندو. انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ صبر جو ڏيک ڏيئي ڪري اِنَّا لِلّٰه پڙهون، ڍير سارو ثواب ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ جنت جا حقدار بڻجي وينداسين.

## اِنَّالِلّٰہِ جي سان برڪت سان بهترين بدلو ملندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مصيبت تي اِنَّا لِلّٰه پڙهڻ جي هڪ برڪت هي بہ آهي تہ هن سان مصيبت پري ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ دنيا ئي ۾ چڱو بدلو عطا فرمائيندو آهي. حديث شريف ۾ آهي، تاجدارِرسالت، شهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو

1

مصيبت جي وقت اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّااِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن چوندو آهي الله پاڪ ان جي پريشاني دور فرمائي ڇڏيندو آهي، ان جو انجام چڱو ڪندو آهي ۽ ان کي اهڙو بدلو عطا فرمائيندو آهي جنهن تي اهو راضي ٿي ويندو آهي.[1]

هڪ حديث شريف ۾ آهي: جنهن مسلمان تي ڪا مصيبت اچي ۽ اهو الله پاڪ جي حڪم جي مطابق اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ (پڙهي ۽ هي دعا ڪري) اَللّٰهُمَّ أَجُرۡنِيۡ فِيۡ مُصِيۡبَتِيۡ وَاَخۡلِفۡ لِيۡ خَيۡرًا مِّنۡهَا يعني اي الله! منهنجي هن مصيبت تي مون کي اجر عطا فرماءِ ۽ مون کي هن تي بهتر بدلو عطا فرماءِ. تہ الله پاڪ ان کي هن کان بهتر بدلو عطا فرمائيندو.[2]

حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هي عمل نهايت مجرب (يعني آزمايل) آهي. مري ويل ميت ۽ گم ٿيل شيءِ تي پڙهيو وڃي پر جنهن گم ٿيل شيءِ جي ملڻ جي اميد هجي ان تي رَاجِعُوۡنَ تائين پڙهو ۽ جنهن کان ملڻ جي مايوسي ٿي چڪي هجي ان تي پورو پڙهي، پر ضروري هي آهي تہ زبان تي هي الفاظ هجن ۽ دل ۾ صبر هجي.[3]

## پٽ جي وفات تي بي مثال صبر

حضرت بيبي اُمِّ سليم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا صحابيہ آهن. مائٽي ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ جي ماسيون آهن، نهايت جان نثاري، نيڪ، پرهيزگار، صابر و شاڪر خاتون هيون، سندن هڪ پٽ هيو: ابو عُمير. اولاد سيني کي پياري هوندي آهي، انهن کي بہ حضرت ابو عمير رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ سان تمام گهڻو پيار هيو، خاص ڪري سندن والد حضرت ابوطلحه انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي پنهنجي پٽ کان

[1] معجم ڪبير،جلد:6 ،صفحه:155،حديث:12852۔
[2] مسلم،ڪتاب الجنائز،باب يقال عند المصيبة،صفحه:329،حديث:918۔
[3] مرآة المناجيح،جلد:2 ،صفحه:445

تمام گهڻو پيار هيو، خدا طرفان ڪجھ ايئن ٿيو جو هڪ ڀيري حضرت ابو عُمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيمار ٿي پيو ۽ بيماري ڏينهن بہ شدت اختيار ڪندي وئي.

پٽ بيمار هيو ئي، ان سان گڏوگڏ حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پٽ جي غم ۾ بيحال ٿي رهيا هئا پر قربان وڃو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي نيڪي سان محبت صد مرحبا..!! گهر ۾ پٽ بيمار هيو، ان جي باوجود حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪندا هئا. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار جي درس ۾ شريڪ ٿيندا، قرآن ڪريم سکندا، احاديث مبارڪ پابندي سان ٻڌندا هئا، مطلب تہ پٽ جي بيمار هجڻ ۽ ان جو شديد صدمو هجڻ جي باوجود سندن ديني مصروفيتن ۾ ڪابہ ڪمي نہ آئي.

هڪ ڀيري حضرت ابوطلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مسجد ۾ هئا تہ سندن پٽ جو وصال ٿي ويو.[1]

هاڻي هڪ ماءُ جو بي مثال صبر ڏسو! حضرت بيبي اُمّ سليم رَضِیَ اللہُ عَنْہَا پٽ کي هڪ ڪمري ۾ ليٽائي ڇڏيو،[2] ان جي مٿان چادر وجهي ڇڏي ۽ گهر وارن کي چئي ڇڏيو تہ ڪوبہ سندن پيءُ حضرت ابوطلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي وفات جي خبر ڏي، پٽ جي وفات جي خبر انهن کي مان پاڻ ٻڌائينديس.[3] جيئن تہ رات ٿي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ گهر آيا، پٽ جي طبيعت پڇائون تہ حضرت اُمّ سليم رَضِیَ اللہُ عَنْہَا چيو: تمام چڱي حالت ۾ آهي: جڏهن کان بيمار ٿيو آهي، اَڄ جيترو سڪون سان سُتو آهي اوترو ڪڏهن نہ سُتو. پوءِ پاڻ مڙس کي ماني ڏنائون، سندن چڱي طرح خاطرداري ڪئي، جڏهن ڏنائون تہ هاڻي حضرت ابوطلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پُرسڪون ۽ مطمئن آهن تہ چيائون: مون کي اهو ٻڌايو! جيڪڏهن پاڙيسري ڪا شيءِ عارضي طور تي وٺي، پوءِ ان کان اها شيءِ واپس ورتي وڃي تہ اهو ان تي شور مچائڻ لڳي تہ ڇا ان کي ايئن ڪرڻ جڳائي ٿو؟ حضرت

---

[1] عمدۃ القاری،کتاب الجنائز،باب من لم یظہر ...الخ،جلد:6 ،صفحہ:135،تحت الحدیث:1301 ملتقطًا۔
[2] مسندِ ابی یعلی ،جلد:3 ،صفحہ:133،حدیث:3398۔
[3] صحیح ابنِ حبان،کتاب اخبارہ ...الخ،ذکر وصف تزوج ابی طلحۃ ام سلیم،صفحہ:1925،حدیث:7187

ابوطلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: هيءَ تمام بُري ڳالھ آهي، جيڪا شيءِ عارضي طور تي ورتي آهي، اها واپس موٽائڻ گھرجي. حضرت اُمّ سليم رَضِیَ اللهُ عَنْها چيو: الله پاڪ اسان کي بطور امانت هڪ پٽ ڏنو هيو، اڄ ان واپس وٺي ڇڏيو.

اللهُ اڪبر! هڪ ماءُ جو هي ڪھڙو عظيم صبر آهي؟ حضرت اُمّ سليم رَضِیَ اللهُ عَنْها ڪيتري همت ڏيکاري ۽ ڪھڙي نہ حڪمت سان غم جي خبر ٻڌائي..!! سُبْحٰنَ الله! حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن اهڙي حڪمت واري ڳالھ ٻڌي تہ سندن کي صبر اچي ويو، پاڻ الله پاڪ جي حمد ڪيائون ۽ پڙهيائون:اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن.

ٻئي ڏينهن پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، سڄي ڳالھ عرض ڪئي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا ڏيندي چيو: اي الله پاڪ! انهن جي لاءِ سندن رات ۾ برڪت عطا فرماءِ. پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا جو اثر هي ٿيو جو هن واقعي کي اڄ هڪ سال مس گذريو هيو تہ الله پاڪ کين هل چند ڪھڙو پٽ عطا فرمايو، ان جو نالو انهن عبدالله رکيو.[1] راوي چون ٿا: حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اولاد مان وڏا وڏا عالم سڳورا پيدا ٿيا، ايئن ان جي بي مثال صبر جو انهن کي بهترين بدلو عطا ٿيو، پٽ بہ مليو ۽ انهن جو گھر عالمن سان پرجي ويو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ وڏو بي نياز آهي، اهو ٿوري تي بہ نوازي ڇڏي ٿو، اسان ان جي حڪم تي عمل ڪيو، ان جي رضا تي راضي رهون، مقيبت اچي، مشڪل اچي تہ صبر ڪيون، اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مصيبت ۾ بہ آساني ملندي، ڍير سارو ثواب ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ بهترين بدلو عطا ٿيندو.

---

[1] مسلم،کتاب فضائل الصحابہ،باب من فضائل ابی طلحہ،صفحہ:957،حدیث:2144۔
[2] عمدۃ القاری،کتاب العقیقۃ ،باب تسمیۃ المولود...الخ،جلد:،صفحہ:466،تحت الحدیث:5470۔

## هر مصيبت تي اِنَّالِلّٰہ پڙهو!

اسان وٽ عام طور تي ماڻهن جو هي ذهن بڻيل آهي تہ صرف ڪنهن جي وفات تي ئي اِنَّالِلّٰہ پڙهندا آهن، بعض اوقات ڪنهن موقعي تي اِنَّالِلّٰہ پڙهو تہ ماڻهو حيران ٿي ڪري پڇندا آهن: ڇا ٿيو؟ ڪنهن جو انتقال ٿي ويو؟ ياد رکو! هي مبارڪ ڪلمو صرف ڪنهن جي وفات يا ڪنهن وڏي مصيبت تي ئي پڙهڻ جي لاءِ ناهي، هر طرح جي مشڪل، پريشاني وقت پڙهيو ويندو آهي. تنهنڪري جڏهن بہ بيماري، قرض داري، بي روزگاري يا ڪا آفت اچي وڃي، ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي ڪري صدمو پڄي، ڪو ماري، دل ڏکي، ڏک لڳي، گاڏي خراب ٿي پئي، ٽريفڪ جام ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي پئي، هٿ مان ڪا شيءِ ڪري پئي، ڪپڙو ڪنهن شيءِ ۾ اٽڪي ڦاٽي پئي، الغرض! ڪنهن قسم جي ننڍي وڏي مصيبت اچي تہ ان تي صبر ڪندي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهڻ جي عادت بڻائي ونو!

## ڏيئو وسامڻ تي اِنَّالِلّٰہ پڙهو

حضرت عڪرمہ رَضِیَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ پيرو رات جو وقت هيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ تشريف فرما هئا، اچانڪ ڏيئو وسامي ويو، اُن تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهيو. مون عرض ڪيو: ڇا هي بہ مصيبت آهي؟ فرمايائون: هر اها شيءِ جيڪا مؤمن کي تڪليف پچائي، اها مصيبت آحي ۽ اُن تي اَجر ڏنو ويندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو! هر ننڍي وڏي تڪليف تي اِنّا لِلّٰهِ وَ اِنَّااِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهي ڪري ثواب ڪمائي سگهجي ٿو. وڌيڪ هن حديث شريف مان هي درس ملي ٿو تہ جيڪڏهن اچانڪ بجلي هلي وڃي تہ ان تي بہ اسان کي صبر ئي ڪرڻ گهرجي،

[1] تفسير درِ منثور،پاره:2 ،البقره،زيرِآيت:156،جلد:1،صفحه:380۔

اسان وٽ عام طور تي بجلي هلي وڃڻ تي نهايت بي صبري جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، ماڻهو نہ ڄاڻ ڇاڇا ابتو سبتو ڳالهائيندا آهن، ڪجھ نادان تہ معاذالله! بجلي فراهم ڪرڻ وارن ادارن کي گاريون ڏيندا آهن، الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. صبر ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن اچانڪ بجلي هلي وڃڻ تي بہ اِنَّالِلّٰهِ وَاِنَّااِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن پڙهندا تہ اِنۡ شَآءَاللهُ الۡڪَرِيۡم! ثواب نصيب ٿيندو.

## جوتي جو تسمو ٽٽڻ تي اِنّالِلّٰه پڙهو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن راهہ هلندي اچانڪ جوتو ٽٽي پئي تہ اُن تي بہ صبر ڪيو ۽ اِنّالِلّٰه پڙهي ڪري ثواب ڪمايو. صحابي رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن جي جوتي جو تسمو ٽٽي پئي تہ اهو اِنّا لِلّٰه پڙهي، بيشڪ هي بہ هڪ مصيبت آهي.[1]

## پراڻي مصيبت تي پڙهڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن پڙهڻ جي هڪ ٻي وڏي اهم برڪت آهي، اها هي تہ جڏهن مصيبت آئي، اُن وقت اسان اِنَّا لِلّٰهِ پڙهيو، اُن تي تہ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡڪَرِيۡم! ثواب ملندو ئي ملندو، ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن مصيبت پراڻي هجي، مثلاً ڪيئي سال پهريان مصيبت آئي هئي، ان وقت ان تي صبر ڪيو هو، هاڻي سالن کان بعد هونئن ويني ويني ياد آيو تہ مون کي فلاڻي وقت هي مشڪل پيش آئي هئي، جيڪڏهن ٻانهو ان وقت ٻيهر اِنَّالِلّٰهِ پڙهي تہ هاڻي ٻيهر اهو ئي ثواب ملندو جيڪو مصيبت اچڻ وقت مليو هيو. جيئن تہ امام عالي مقام، امام حسين کان روايت آهي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار فرمايو: مسلمان

---

[1] مسند بزار، جلد:8، صفحہ:400،حديث:3475۔

مرد يا عورت کي ڪا مصيبت پهچي ۽ اها تمام پراڻي ٿي وئي(يعني سال گذري ويا)، هاڻي اهو بيهر ڪڏهن اها مصيبت ياد اچڻ تي اِنَّالِلّٰہِ پڙهي ته الله پاڪ ان کي اهو ئي ثُواب عطا فرمائيندو جيڪو مصيبت اچڻ وقت مليو هيو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن پڙهڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن. الله پاڪ اسان کي هر ننڍي وڏي پريشاني تي صبر ڪرڻ، الله جي رضا تي راضي رهندي اِنَّالِلّٰہپڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بدفالي نہ وٺو

اي عاشقانِ رسول! اسان جو عقيدو آهي ته وَالۡقَدۡرِ خَيۡرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالٰی هر چڱي ۽ بُري تقدير الله پاڪ جي طرفان آهي. هن جو واضح مطلب اهوئي آهي ته اسان خوشي ملي يا غم، خوشحالي اچي يا پريشاني، تندرستي ملي يا بيماري، مالداري اچي يا تنگدستي، سڀ ڪجهه الله پاڪ جي طرفان آهي.

پر معاشري جي حالت عجيب آهي، اسان وٽ ماڻهون بدفاليون وٺندا آهن. ❁اڄ دڪان تي گراهڪ نہ آيو ته بدفالي. ❁اک ڦرڪي رهي آهي ته بدفالي. ❁ڪٿي ويندي رستي ۾ ڪا مشڪل پيش اچي وئي ته بدفالي. ❁ڪا مصيبت اچي وئي، پريشاني اچي وئي، ته بدفالي، مختلف ڳالهيون، مختلف وهم ۽ بدفاليون ايئن ئي دل ۾ پالي رکندا آهن. مثلاً. ❁صبح صبح انڌي سان ملاقات ٿي وئي. هڪ اک وارو ماڻهو سامهو اچي ويو. ❁ڪو لنگڙو ملي ويو. ❁ڪارو ڪانءُ يا ٻلي سامهون ڪان گذري وئي. ❁ڪم تي ويندي وقت رستي ۾ ڪو بُرو آواز ٻڌو ورتو ته بدفالي ورتي ويندي آهي هاڻي منهنجو ڪم نہ ٿي سگهندو.

---

[1] مسند امام احمد،جلد:1 ،صفحہ:545،حديث:1760۔

❁ڏينهن مان بدفالي ورتي ويندي آهي. ❁ايمبولنس جي آواز مان. ❁فائر بريگيڊ جي آواز مان بدفالي ورتي ويندي آهي. ❁ڪڏهن اخبارن ۾ شايع ٿيڻ واري ستارن جي ڪيل مان پنهنجي زندگي کي غمگين بڻايو ويندو آهي. ❁ڪجهه ماڻهو مهمان جي رخصتي کان بعد گهر ۾ ٻهارو ڏيڻ کي منحوس سمجهندا آهن. ❁سڌي اک ڦرڪي ته يقين ڪيو ويندو آهي ته ڪا مصيبت ايندي. ❁عيد جمعي جي ڏينهن تي اچي وڃي ته ان کي حڪومت تي ڀاري سمجهيو ويندو آهي. ❁ٻلي جي روئڻ جي آواز کي منحوس سمجهيو ويندو آهي. ❁ڪڪڙ ڏينهن جي وقت آذان ڏي ته بدفالي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ايستائين جو ان کي ذبح ڪري ڇڏيندا آهن. ❁دڪان تان ڦيريون گراهڪ سودو وٺڻ بغير هليو وڃي ته دڪاندار ان مان بدفالي وٺندو آهي.

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، هي صرف وهمي ڳالهيون آهن، انهن کان بچڻ لازمي آهي، جڏهن ٻه ڪا مصيبت اچي، پريشان اچي، مثّل اچي، ڪو ڪم الٽو ٿي وڃي، دڪان تي گراهڪ نه آيو، آفيس ۾ ڪم صحيح نه ٿي سگهيو، بيمار ٿي پيا، خدنخواسته چوري وغِره ٿي وئي ته الله پاڪ تي يقين رکو! صبر ڪيو! اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن پڙهي ڪري ثواب ڪمايو! بدفالي وٺڻ مان ڇا ملندو؟ ڪجهه ٻه نه، مصيبت ته اها جيڪا اچي چڪي، بدفالي وٺندا صبر ڪرڻ ۽ اِنَّالِلّٰهِ پڙهڻ جي ثواب کان محرومي ٿيندي، اها ته ٿيندي، ابتو بدفالي جو گناهه الڳ ٿيندو جو بدفالي وٺڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي.

## بدفالي جي باري ۾ 4 فرامين مصطفيٰ

❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ فرمايو: لَيۡسَ مِنَّا مَن تَطَيَّرَ وَلَاتُطُيِّرَ لَه يعني جنهن بدشگوني ورتي ۽ جنهن لاءِ بدشگوني ورتي وئي اهو اسان مان

ناهي. (يعني اسان جي طريقي تي ناهي) [1]

۞اسان جي سچي نبي، پياري نبي، آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيْهِ لَمْ يَنَلِ الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى مَنْ تَكَهَّنَ أَوِ اسْتَقْسَمَ اَوْ رَدَّهٗ مِنْ سَفَرِهٖ طِيَرَةٌ يعني ٽي شيون جنهن شخص ۾ هجن، اهو بلند درجن تائين نٿو پهچي سگهي (1) جيڪو پنهنجي اٽڪل سان غيب جي خبر ڏئي (يعني پهريان جي ڳالهه ٻڌائي) (2) فال جي تيرن مان پنهنجي قسمت معلوم ڪري يا (3) بدشگوني جي سبب پنهنجي سفر کان رڪجي وڃي.

۞ رسول بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ ثَلَاثًا وَمَا مِنَّا اِلَّا وَلٰكِنَّ اللهَ يُذْهِبُهُ بِالتَّوَكُّلِ يعني بدفالي وٺڻ شرڪ آهي، بدفالي وٺڻ شرڪ آهي، اهو ٽي ڀيرا فرمايائون، (پوءِ ارشاد فرمايائون:) اسان مان هر شخص کي اهڙو خيال اچي ويندو آهي پر **الله** عَزَّوَجَلَّ توڪّل جي ذريعي ان کي ختم فرمائي ڇڏيندو آهي. [2]

هن حديث جي حوالي سان عالم سڳورا فرمائن ٿا: بدشگوني وٺڻ کي شرڪ قرار ڏنو ويو آهي ڇو تہ جاهليّت واري زماني ۾ ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو تہ بدشگوني جي تقاضي تي عمل ڪرڻ سان انهن کي نفعو حاصل ٿيندو آهي يا انهن کان تڪليف ۽ پريشاني ختم ٿيندي آهي ۽ جڏهن انهن انهيءَ تقاضي تي عمل ڪيو جڻ تہ انهن **الله** عَزَّوَجَلَّ سان شرڪ ڪيو ۽ ان کي شرڪ خفي چيو ويندو آهي (جيڪو گناهہ آهي) ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص هي عقيدو رکيو تہ فائدو ڏيارڻ ۽ مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ واري **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪا ٻي ذات

[1] مُسْنَد بَزَّار، جلد:9، صفحه:52، حديث:3578۔
[2] ابوداؤد 23/4 حديث 3910

آهي جيڪا هڪ مستقل طاقت آهي ته ان شرڪ جلي جو اِرتِڪاب ڪيو آهي (جيڪو ڪفر آهي).[1]

سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ رَدَّتْهُ الطِّيَرَةُ عَنْ شَيْءٍ فَقَدْ قَارَفَ الشِّرْكَ يعني جيڪو شخص بدشگوني جي ڪري ڪنهن شيءِ کان رڪجي، اهو شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! بدفالي(هي آهي ته ڪنهن شيءِ (مثلاً ماڻهو، عمل، آواز يا وقت) سان بُري فال وٺڻ آهي (يعني هي سمهڻ ته ان جي نحوست جو ڪنهن جي حالات تي بُرو اثر پوندو) بدفالي آهي.)

بدفالي متعلق تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪتاب "بدشگوني" پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

## اِنّاللہِ جي معنيٰ تي غور ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ کان پنهنجو پڪو ذهن ٺاهي وٺو ته جڏهن به ڪا مشڪل، پريشاني يا مصيبت ايندي، چاهي اها معمولي ئي ڇو نه هجي، اسان الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهندي ثواب ڪمائڻ جي لاءِ اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهنداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

اِنَّا لِلّٰه پڙهندي ان جي معنيٰ تي ضرور غور ڪيو! اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن 2 جملا آهن (1) اِنَّا لِلّٰه هڪ جملو، ۽ (2) وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن ٻيو جملو آهي. هنن ٻنهي جملن ۾ اسان جي لاءِ بهترين پيغام آهي، جيڪڏهن اسان هن پيغام کي سمهون، ان کي

---

[1] مِرْقاة شرح مشكوٰة، کتابُ: الطِّب، جلد:8، صفحه:398، زيرِ حديث:4584۔
[2] مَجمع الزوائد 180/5 حديث 8415

پنهنجي زندگي جو حصو بڻايون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا بہ سنورجي ويندي ۽ آخرت بہ سنورجي ويندي.

اِنَّا لِلّٰه جي معنيٰ آهي: اسان الله ئي جا آهيون. ۽ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن جي معنيٰ آهي: ۽ اسان انهي جي طرف موٽڻ وارا آهيون. اِنَّا لِلّٰه ۾ بندگي جو اظهار آهي يعني اسان هي چوندا آهيون تہ اسان ٻانها آهيون، الله پاڪ اسان جو خالق آهي، اهو ئي اسان رازق آهي، اهو ئي اسان جو مالڪ آهي. وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن مان هن ڳالهہ جو اقرار آهي تہ اسان ڪي هتي هميشہ ناهي رهڻو، هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن حضرت ملڪ الموت تشريف ڪڻي ايندا، روح بدن مان نڪرندي، پوءِ اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، جيستائين الله پاڪ چاهيندو، اسان اُتي رهنداسين، پوءِ اسان کي هن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻو پوندو.

هي بہ سبق آهن: (1) مان ٻانهون آهيان، تنهنڪري مون گهرجي تہ مان ٻانهي بڻجي ڪري رهان، علامہ شعراني ٻانهپ جا اداب لکندي فرمائن ٿا: ۞جيڪو ٻانهو هوندو آهي اهو هميشہ پنهنجي مالڪ ئي جي طرف متوجهہ رهندو آهي، ڪنهن ٻي شيءِ جي طرف رُخ ناهي ڪندو. ۞دنياوي عيش ۽ عشرت، مال ۽ دولت، آرام ۽ سڪون وغيره سان دل ناهي لڳائيندو، هميشہ پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان ئي مُحبت ڪندو آهي. جيڪو ٻانهو هوندو آهي اهو هميشہ هرحال ۾ پنهنجي مالڪ جي رضا ۾ راضي رهندو آهي. ۞جيڪو ٻانهو هوندو آهي اهو ڪنهن شيءِ تي پنهنجي ملڪيت ناهي جتائيندو، هميشہ اهو ئي سمجهندو آهي تہ مون وٽ جيڪو ڪجهہ آهي، اهو منهنجي مالڪ ئي جو آهي، انهي پنهنجي فضل و ڪرم سان مون کي عطا ڪيو آهي، اهو جڏهن چاهي مون کان واپس وٺي سگهي ٿو. ۞جيڪو ٻانهو هوندو آهي اهو ڪنهن شيءِ تي فخر ۽ غرور ناهي ڪندو، جيڪو ڪجهہ عبادت ۽ اطاعت ڪري سگهندو آهي،

ان کي هميشہ گهٽ ئي سمجهندو آهي، ڪڏهن رياڪاري، ڏيکاءُ ۽ خودپسندي ۾ مبتلا ناهي ٿيندو. ۽ جيڪو ٻانهو هوندو آهي اهو ڪڏهن پنهنجي مالڪ جي نافرماني ناهي ڪندو.[1]

هي اِنَّا لِلّٰہ جو سبق آهي. (2) انهي طرح ۾ فڪر آخرت جو درس آهي، جيڪڏهن اسان هر وقت پنهنجو هي ذهن بڻائي رکون تہ الله پاڪ مون کي ڏسي رهيو آهي، منهنجو ڪو عمل، ڪو خيال، ڪا سوچ، ڪو دلي ارادو ان کان لڪيل ناهي، عنقريب مون کي ان جي حضور حاضر ٿيڻو آهي، پنهنجي هرهر عمل جو جواب ڏيڻو آهي، جيڪڏهن هي پڪو ذهن بڻايون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان جو ڪردار سنورجي ويندو، اخلاق بہ چڱا ٿي ويندا، گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجي ويندو، نيڪين ۾ دل لڳي ويندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي. الله پاڪ اسان کي مان ملڻ وارن انهن سبقن کي ذهن ۾ ويهارڻ، معنيٰ تي توجه رکي ڪري ان کي پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلہ

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشق مدينہ وڌائڻ، يادِ مدينہ، ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ، گُناهن ۽ فضوليات کان بچڻ، سني، بامقصد، سنتن ڀري ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان

[1] الانوار القدسية فی بيان آداب العبوديہ،الباب الاول فی بيان آداب ...الخ،صفحہ:26-35 خلاصةً ـ

وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ به خوب حِصّو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اِجتِماع.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هر جمعرات جو مغرب جي نماز کان پوءِ ۽ بعض هنڌن تي عِشَاء جي نماز کان پوءِ دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تِلاوت، نعت، بيان ۽ ذِڪر و دُعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقه به لڳايا ويندا آهن، اهڙي طرح هفتيوار اِجتماع جي ذريعي نيڪيون ڪمائڻ ۽ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو خوب موقعو ملندو آهي، اوهان به پَڪي نيت فرمايو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هر جمعرات پابندي سان پاڻ به هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي به گڏ آڻيندس.

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌري ويو...؟

ڪراچي جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته هو مذهبي ذِهن نه هئڻ سبب فضول ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُنَاهن جو به سلسلو جاري هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو هو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي ۽ ساڻس گڏ کيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀاءُ انهن کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندو رهيو، نيٺ اهي ٽيبل ٽينس جا شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهسته آهسته ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي

دِل جي ڪاراڻ ختم ٿيڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات ڪي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

| | |
|---|---|
| یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول |
| تُو آ بے نمازی، ہے دیتا نمازی | خُدا کے کرم سے بَنا مدنی ماحول |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرِسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

## ويهڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪي ماڻهو دير تائين ڪنهن هنڌ وينا ۽ بنا ذِڪرُ اللّٰه ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهي اتان کان متفرق (يعني جُدا جُدا) ٿي ويا، انهن نقصان ڪيو، اللّٰه پاڪ چاهي عذاب ڏئي ۽ چاهي تہ بخشي ڇڏي.[2]

ويهڻ جون سنتون: ❁ حضرت ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: مون رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪعبہ شريف جي صحن ۾ اِحتِبَاء جي صُورت ۾ تشريف فرما ٿيندي ڏٺو. (اِحتِباء جو مطلب هي آهي تہ انسان سُرين تي وينو هجي ۽ پنهنجي ٻنهي پنين کي ٻنهي هٿن ذريعي پڪڙي، هن طرح ويهڻ عاجزي ۾ شُمار ٿئي ٿو)

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175
[2] مستدرک، جلد:2، صفحہ:168، حديث:1869۔

❁ حُضُور نور وارا صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن نمازِ فجر پڙهندا هئا ته چارزانو (يعني پالتي ماري) ويهندا هئا، ايستائين جو سج چڱي طرح اُبري ويندو هو. ❁ حُضُورِ انور صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪنهن مجلس ۾ ڪنهن پاسي پير ٽيڙي نه ويهندا هئا، نه اولاد ڏانهن، نه ازواجِ پاڪ ڏانهن، نه غُلامن ڏانهن ❁مبلغ ۽ مُدَرّس جي لاءِ بيان ۽ تدريس دوران سُنّت هي آهي ته پٺ قبلي ڏانهن رکي ته جيئن انهن کان علم جون ڳالهيون سکڻ وارن جو رُخ قبلي ڏانهن ٿي سگهي.

ويهڻ جا آداب: ❁دو زانو (يعني جهڙي طرح نماز ۾ اَلتّحِيات ۾ ويهبو آهي، اهڙي طرح ويهڻ) اَفضَل آهي ❁حضرت ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا ❁اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: پِير ۽ اُستاد جي ويهڻ جي جڳهه تي انهن جي غير موجودگي ۾ به نه ويهي. ❁ جڏهن ڪنهن اجتماع يا مجلس ۾ اچو ته ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نه وڃو، جتي جڳهه ملي اتي ويهي رهو ❁جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ونو اوهان جا پير آرام ڪندا ❁جڏهن به ويهو ته پردي واري جڳهن جي ڪيفيت نظر نه اچڻ گهرجي، لهٰذا "پردي ۾ پردي" جي لاءِ گوڏن کان قدمن تائين چادر وجهو، جيڪڏهن ڪرتو سُنّت مطابق اڌ پني تائين هجي ته ان جي دامن سان به "پردي ۾ پردو" ڪري سگهجي ٿو.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو،

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:8 تا 11 خُلاصۃً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1 ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2 ... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3 ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4 ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455